# مُنهنجي ناني

مُنهنجي ناني، گهرَ جي راڻي
روزُ ٻُڌائي نَئين ڪهاڻي

صُبُوحَ سَويرو اُٿندي آهي
نانءُ ڌڻيءَ جو وَٺندي آهي

آهي سَباجهي هِيءَ نِماڻي
مُنهنجي ناني، گهرَ جي راڻي

سَڀَ سان مِٺڙو ٻولي ٿي
رازَ اَندرَ جا کولي ٿي

آهي سِيَڻِ ۾ هِيءَ سِياڻي
مُنهنجي ناني، گهرَ جي راڻي

پورِهيو گهرَ جو خوبُ ڪَري ٿي
ڏُکَ سَڀئي کِلي سَهي ٿي

ڪَڏهِن رَهي نَہ هيءَ ويڳاڻي
مُنهنجي ناني، گهرَ جي راڻي

هَرِڪو هِنَ کي چاهي ٿو
سُکُ اَندرَ جو پائي ٿو

ماکيءَ جَهڙي هِنَ جي واڻي.
مُنهنجي ناني، گهرَ جي راڻي